Funded by the European Union

Government of Sindh

unicef for every child



# Teacher Training Module:

# Sindhi

## Learning Cycle Nineteen

سنڌي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال

Sindh Technical Assistance –
Development through
Enhanced Education Programme
(STA-DEEP)

THE AGA KHAN UNIVERSITY

School Education & Literacy Department (SE&LD)

Government of Sindh.

## تربيت جو تعارف ۽ استدلال

**پيارا استادو!**

اسڪول ايجوڪيشن ۽ لِٽريسِي ڊپارٽمينٽ (SE&LD) حڪومتِ سنڌ جَي استادن جِي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسَر (CPD) واري پروگرام ۾ پليڪار. هي اسڪول ڪَلَسٽَر تي ٻَڌل استادن جي لڳاتار پيشه وراڻي اهليت جي اوسر (CPD) جو پروگرام، سال 2021 جي نظرثاني ٿيل اسڪول ڪَلَسٽرِنگ پاليسي ۽ سال 2022 جي CPD ماڊل تحت تيار ڪري لاڳو ڪيو ويو آهي.

تدريسي مواد تي آڌاريل سِکيا جَي مرحلن (CBLCs) جِي هِيءَ تواتر، جنهن ۾ 11 ڪان 20 ماڊيُولَ شامل آهن، توهان جي چاڻَ ۽ صلاحيتن ڪي "ڪلاس جي مواد تي ٻڌل تدريسي عملن" ۾ ويتر واڌ آڻڻ لاءِ ٺاهي وئي آهي. شروعاتي ڏهن سِکيا جي مرحلن (LCs) ۾ توهان جي تدريسي صلاحيتن ڪي بهتر بڻائڻ تي ڌيان ڏنو ويو ته جيئن شاگردن لاءِ ڪلاس رُومَ ڪي فعال، ٻهرو وٺندڙ ۽ پُرلُطف بڻائڻ ۾ مدد مِلَي. انهن صلاحيتن جي بنياد تي، اهي سِکيا مرحلا (11- 20) پهرين ڪان اٺين درجي جي شاگردن لاءِ رياضي، سائنس، انگريزي، اردو ۽ سنڌي مضمونن ۾ سِکيا جا موقعا فراهم ڪندا ۽ ڪلاسَ جي حالتن ڪي اثرائتي نموني مُنظم ڪرڻ لاءِ توهان ڪي جديد تدريسي حڪمت عملين سان گڏ انهن مضمونن جي چاڻ پَريو بڻائيندا.

**سِي پِي ڊِي پروگرامَ جو نصب العين**

هِنَ پروگرامَ جو مقصد سچي سنڌ جي اسڪولن ۾ سِکيا عملن جي معيار ڪي بهتر بنائڻ آهي، ته جيئن شاگردَ سرگرم ۽ معاون سِکيا وٺندڙ، سِکيا جي ڏکيائين ڪي حل ڪندڙ ۽ تنقيدي سوچ رکندڙ ٿين، ته جيئن هوُ پنهنجو ڪم تخليقي اندازَ ۽ اعتمادَ سان ڪري سگهن. اهي سِکيا جا مرحلا شاگردن ڪي واضح طور تي موضوع جي چاڻ سمجهڻ ۽ سِکيَل عِلم ۽ حاصل ڪيل مهارتن ڪي پنهنجي آسي پاسي جي دنيا سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندا. انهن گُڏن جي حاصلات ڪي ممڪن بڻائڻ لاءِ، استادن ڪي ڪلاسَ ۾ تدريسي ضرورتن ۽ مضمونن جي مواد لاءِ بهتر نموني تيار ٿيڻو پوندو. ان ڪان علاوه هي پروگرام استادن ڪي اسڪول ڪَلسٽر جي بنياد تي CPD جي ذريعي خاص تربيت ڏئي ٿو ته جيئن هوُ شاگردن جي سِکيا جي نتيجن ڪي بهتر بڻائي گهٽواڳتي وڌائين.

## سِي پِي ڊِي پروگرام جو تدرِيسي فلسفو

لڳاتار پيشيوراڻي اهليتَ جي اوسَر (CPD) جا سمورا سيشَنَ شراڪتدار جي سِکيا ٿيڻ جي خيالَ مطابق آهن. ان سوچ سان شرڪت ڪندڙن جي حوصلا افزائي ٿئي ٿي. ته جيئن؛ هڪ ته هُو فعال طور تي بااختيار سِکيا عمل ۾ مشغول ٿي وڃن، ٻيو ته خود تشخيصَ سان گڏ جوڙيدار ساٿيءَ اجي راءِ وٺڻ ڪي هَٿِي وٺرائجي، ۽ آخري طور تعليمي وهنوارَ ۾حصو وٺندڙ استادن جي هڪ ڪميُونٽِي ٺاهجي. انهن ڳالهين جو بنيادي مقصد تدريسي عملن ڪي وڌائڻ ۽ موضوعي مواد جي نظريي ۽ تدريسي حِڪمت عملين جي سمجھ ڪي فروغ ڏيڻ آهي ته جيئن شاگردَ سِکيَل عِلم تي اثرائتي نموني ۽ اعتماد سان پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ لاڳو ڪرڻ جي قابل ٿين.

## توهان لاءِ سهڪاري

هي ٽريننگ ماڊيُول ڪلاسَ جي تدريسي هدايتن جي عملن ۾ توهان جي مدد ڪرڻ لاءِ ٺاهيو ويو آهي. اهو توهان آڏو مضمون جو موادَ ۽ ڪلاسَ ۾ استعمال لاءِ ڪجهه طريقا متعارف ڪرائيندو. اهو توهان جي تدريسَ ڪي وڌيڪ منظم بڻائيندو ۽ توهان ڪي هڪ ماهر استاد جي حيثيت ۾ اڳتي وڌڻ ۾ مدد ڏيندو.

استادن لاءِ آن لائين CPD پورٽَل

استادن لاءِ ماهِرن کان سوالَ پُڇڻ، خيالن جي تبادلي ۽ ذاتي سِکيا جا تجربا ۽ (CBLCs) کي لاڳو ڪرڻ ۾ درپيش ڏکيائيُن جي حَلَ لاءِ هڪ آن لائن CPD پورٽل تيار ڪيو ويو آهي. آن لائين CPD پورٽل استادن کي سڀني ضلعن جي ٻين استادن ۽ مضمونن جي ماهرن سان ڳنڍڻ ۾ مدد ڏيندو ته جيئن هُو استادن جي ڪميونٽي جي حيثيت سان معلومات ونڊين ۽ سِکن.

آن لائين پورٽل: /https://stadeep-cpd.com

**نوٽ:** هي مواد جي بنياد وارا سِکيا جا مرحلا (CBLCs) اسڪول ايجوڪيشن اينڊ لِٽريسي ڊپارٽمينٽ (SE&LD)گورنمينٽ آف سنڌ پاران منظورڪيل سنڌيءَ جي پهرين کان اٺين درجي تائين جي نصابَ ۽ درسي ڪتابن جي ميلاپ سان، STEADA ۽ PITE جي نگرانيءَ هيٺ تيار ڪيا ويا آهن. هنن ۾ پهرين کان اٺين درجي تائين جا سنڌي درسي ڪتابَ حوالي طور استعمال ڪيا ويا آهن.

CBLCs: 1-20: مهرباني ڪري LCs 1-20 جي عنوانن جي مڪمل فهرست ڏسڻ لاءِ آخري صفحي کي ڏسو.

**مَڃتا**

هي ماڊيُول انسٽيٽيوٽ فار ايجوڪيشنل ڊولپمينٽ جي صوبائي انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) جي هدايت هيٺ IBA سکر يونيورسٽي ۽ آغا خان يونيورسٽيءَ پاران تيار ڪيو ويو. ان ۾ يونيسيف پاران سنڌ ٽيڪنيڪل اَسِسٽَنس ڊِولَپمينٽ جي ترقي يافته تعليمي پروگرام (STA-DEEP) جي ذريعي مدد رهي؛ ۽ يورپي يونين پاران مالي مدد ڪئي وئي.

اسان هيٺين سهڪار ڪندڙن جا دِل جِي گهرائُن سان شُڪرگُذار آهيون:

| | |
|---|---|
| محترم سيد رسول بخش شاهه | ايگزيڪيوٽو ڊائريڪٽر، سنڌ ٽيچرس ايجوڪيشن ڊولپمينٽ اٿارٽي (STEDA) |
| محترمه نصرت فاطمه ڪلهوڙو | ڊائريڪٽر جنرل پراونشل انسٽيٽيوٽ آف ٽيچر ايجوڪيشن (PITE) |
| محترم عِنات الله شيخ | ايڊيشنل ڊائريڪٽر، ڊائريڪٽوريٽ آف ٽيچر ٽريننگ اِنسٽِيٽيُوشنس سنڌ |
| ڊاڪٽر الطاف حسين سمون | ڊائريڪٽر ايگزيڪيوٽو ڊولپمينٽ سينٽر ايٽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي |
| ڊاڪٽر تڪبير علي | ايسوسيئيٽ پروفيسر ۽ ڊائريڪٽر آئوٽريچ ايٽ آغا خان يونيورسٽي، ڪراچي |
| محترم عبدالمجيد پُرٽ | ڊائريڪٽر، ڊَڪار ڇامشورو |
| ڊاڪٽر عبدالوحيد ڪَلوَڙ | ايسوسيئيٽ پروفيسر جيِ سِي اِي سکر/ ماڊيول ڊِوَلپر ۽ سبجيڪٽ اِسپيشلِسٽ آءِ بي اي سکر |

| | |
|---|---|
| محترمہ ريحانہ پروين ميراڻي | ماڊيول ڊوَلپر ۽ ڊپٽي ڊائريڪٽر، اسٽيڊا |
| محترم ڊِلشاد احمد ڏيٿو | ماڊيول ڊِوَلپر، گورنمينٽ ايليمينٽري ڪالج آف ايجوڪيشن، حيدرآباد |
| محترم حسن علي | ماڊيول ڊزائنر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترم سيد ڪامران شاهہ | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترمہ رابعہ بَتُول | پروجيڪٽ مينيجر، سکر آءِ بي اي يونيورسٽي سکر |
| محترمه اَبِير مقبول | ايجوڪيشن مينيجر، يونيسيف |
| محترم آصف ابرار | ايجوڪيشن اسپيشلسٽ، يونيسيف |
| ڊاڪٽر پرويز پيرزادو | ايجوڪيشن آفيسر، يونيسيف |
| محترم آفتاب احمد نظاماڻي | نيشنل ٽيچرس پروفيشنل ڊِولپمينٽ ڪنسلٽنٽ، يونيسيف |


# سنڌي صوتيات جي تدريسَ

**سکيا جا مقصدَ:** هن تربيتي مرحلي جي پُڄاڻيءَ تي، سکيا وٺندڙ ان قابل ٿي ويندا ته اهي؛




- سنڌي ٻولي سِکيا جي ترقيءَ ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي ڪردار ۽ فائدن کي سمجهندا.
- سنڌي ٻولي سيکارڻ ۽ سکڻ لاءِ مختلف ڊجيٽل وسيلن جي سُڃاڻپ ۽ جائزو وٺي سگهندا.
- ٽيڪنالاجيءَ کي موثر طريقي سان سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ جي قابل هوندا
- ٻوليءَ جي تدريس ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال بابت حاصل ڪيلمعلومات تي پنهنجا تآّثر Reflactions سپيش ڪري سگهندا.

# سيشن پلان

| Materials/resources<br>گهربل سامان/ وسيلا | Activities/learning experiences<br>سرگرميون / سِکيا جا تجربا ۽ هدايتون | Objective<br>سرگرميءَ جو مقصد | Time<br>وقت |
|---|---|---|---|
| بورڊ، مارڪر، ليپ ٽاپ، ڪمپيوٽر، ملٽي ميڊيا، پروجيڪٽر وغيره.<br><br> | 1. سيني شرڪت ڪندڙ استاد صاحبن کي هن تربيتي پروگرام ۾ ڀليڪار چئو.<br>2. پروگرام جي باقائده شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪريو.<br>• ابتدائي سرگرمي (Tech trivia)<br>سنڌي ٻولي سِکيا جي اوزارن ۽ وسيلن بابت استادن جي اڳوڻي ڄاڻ جو جائزو وٺڻ لاءِ ننڍڙا سوالَ پُڇو.<br>1.هيٺين مان ڪهڙي ايپ سبق ۽ سوالن سان سنڌي ٻوليءَ جي سِکيا ڏئي ٿي ؟<br>ا) لَرن سنڌي اِسپِيڪ سنڌي.<br>ب) سنڌي سِکيا<br>ج) سنڌي ليگئيج ڪورس<br>د) سنڌي ٽيوٽَر<br>جواب: لَرن سنڌي اِسپِيڪ سنڌي<br>• سرگرمي 2:<br>سيني شرڪت ڪندڙن کي ٻارن جي دلچسپيءَ موجب هڪ تعليمي ننڍو وڊيو ملٽي ميڊيا ذريعي اسڪرين تي ڏيکاريو، پوءِ ان تي شرڪت ڪندڙن کان خيالن جو اظهار ڪرايو ته ڪين اها دستاويزي فلم ڪيئن لڳي ۽ ڪهڙي ڄاڻ ملين؟ | • ڀليڪار / شروعات ڪرڻ<br>• سکيا وٺندڙن جي ذهني آمادگي ڪرڻ | <br>10 منٽ |

| | | | |
|---|---|---|---|
| 05 منٽ | تربيتي مرحلي جي ايجنڊا ۽ مقصدن کان آگاهه ٿيڻ | • تربيتي ماڊل جو تعارف<br>تربيت ڏيندڙ مختصر تقرير سان ڏينهن جي ايجنڊا ۽ مقصدن جو جائزو بيان ڪريو. | |
| 20 منٽ | اثرائتي ٻولي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال کان آگاهه ٿيڻ | • ذيلي موضوعَ:<br>1. ٻولي سِکيا ۾ ٽيڪنالاجيءَ جي اهميت<br>2. ٻولي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجي اوزارن جا قِسمَ<br>3. ٻولي تدريسَ ۾ ٽيڪنالاجيءَ کي ضم ڪرڻ لاءِ تدريسي اصولَ<br>• افتتاحي سرگرمي: ٽيڪنالاجيءَ بابت ذهني ولوِڙ Brain Storming<br>شرڪت ڪندڙن ۾ ضمني عنوانن تي ڀڌل مددي مواد نمبر01 مطالعي لاءِ ڏئي ڪين هدايت ڪريو ته ان جو مطالعو ڪن ۽ جوڙين ۾ ويهي ٽيڪنالاجيءَ جي مختلف قِسمن تي بحث ڪن، جيڪي اهي پنهنجي روزاني زندگيءَ ۾ استعمال ڪندا آهن ۽ انهن کي ٻولي سِکيا لاءِ ڪيئن استعمال ڪري سگهجي ٿو.<br>• تشخيصي سرگرمي<br>بحث ڪانپوءِ ڪو هڪ يا ٻه نمائندا ٻولي سِکيا ۾ ٽيڪنالاجي استعمال ڪرڻ جي فائدن ۽ چيلنجن تي مختصر خيالن جو اظهار ڪندا. | مددي مواد جون ڪاپيون،<br><br> |

| | | | |
|---|---|---|---|
| <br>50 منٽ | جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال موجب سرگرمي تيار ڪري پيش ڪرڻ جي قابليت حاصل ڪرڻ<br> | • ذيلي موضوعَ<br>1. سنڌيءَ ۾ آنلائن ڊڪشنريون ۽ بولي سِکيا ائيپ<br>2. مَلٽي ميڊيا مواد (وڊيو، آڊيو، انٽرويو، مشقون)<br><br>• گروهي سرگرمي: ڊجيٽل ذريعن جي ڳولها<br>هدايت: چار گروپ ٺاهي، سکيا ڏيندڙ شرڪت ڪندڙن کي سرگرمي ڪرڻ جو طريقو سمجھايو ۽ ڳھربل سامان ورهايو، پوءِ شرڪت ڪندڙن کي چوئو ته توهان سيئي پنهنجن گروپن ۾ موبائل يا موجود ڪمپيوٽر/ ليپ ٽاپ کولي هيٺ ڏنل عنوان موجب مواد سرچ ڪريو.<br>گروپ پهريون: آنلائن سنڌي ڊڪشنريون<br>گروپ ٻيون: آنلائن سنڌي بولي سِکيا ايپ<br>گروپ ٽيون: ڊِجيٽل اسٽوري، ڊجيٽل صوتياتي چارٽ، تعليمي وڊيو، آڊيو<br>گروپ چوٿون: ورچوئل ريئلٽي ائيپ<br><br>• تشخيصي سرگرمي: (گروپ جي پيشڪش ۽ امڪاني استعمال)<br>ڳولها ۽ تياريءَ کان پوءِ گروهي پيشڪش ڪرايو. هر گروپ پهنجي ڳوليل مواد کي باقي شرڪت ڪندڙن جي سامهون پيش ڪندو. هر پيشڪش کان | ليپ ٽاپ، نيٽ ڪنيڪشن، مددي لِنڪ ۽ ويب ايڊريس وغيره<br> |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | پوءِ ٻين گروپن کان راءِ وٺو ۽ آخر ۾ پنهنجي تعميري، بروقت ۽ اثرائتي موٽ ڏيو. | |
| 25 منٽ | ٽيڪنالاجيءَ کي موثر طريقي سان سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي سرگرمين ۾ شامل ڪرڻ جي قابل ٿيڻ. | • ذيلي موضوعَ<br>1. ڊجيٽل سِکيا وارو مواد ٺاهڻ<br>(ڪوئز، ڊجيٽل ڪهاڻي ٻُڌائڻ، سنڌي سنڌي ڪمپوزنگ، پاور پوائنٽ پريزينٽيشن)<br>2. آنلائن ۽ ڊجيٽل معاونت جا اوزارَ ۽ ايپ<br>(آنلائن ڊڪشنريون، آنلائن سکيا، گوگل ڊاڪس، گوگل ٽرانسليٽر، ايم ايس ورڊ)<br>• سرگرمي<br>شرڪت ڪندڙن کي هدات ڏيو ته اهُي سندن سبقي منصوبي ۾ ٽيڪنالاجيءَ کي شامل ڪرڻ لاءِ خيالن ڏي وٺ ڪن. ڪين مٿي ڄاڻايل ضمني مضوعن مطابق ڊجيٽل سِکيا واري سرگرمي يا مواد ٺاهڻو آهي.<br>• تشخيصي سرگرمي<br>شرڪت ڪندڙن کي چئو ته هو ڪو چونڊيل ٽيڪنالاجي اوزار استعمال ڪندي هڪ ڊجيٽل سيکيا واري سرگرمي يا مواد ٺاهن. ان عمل ۾ سندن رهنمائي ڪريو . | |
| 10 منٽ | سموري مرحلي جي ڪارگذاري جو ورجاءَ ڪري خلاصي يا حاصل مطلب بابت ڳالهائڻ | • ذيلي موضوع<br>• سموري ڏينهن جو نتيجو ۽ مختصر ورجاءُ<br>• چڪاسَ<br>• خلاصي جي سرگرمي<br>تربيت ڏيندڙ سموري مرحلي جي ڪارگذاريءَ جو خلاصي جي صورت ۾ حاصل مطلب بيان ڪندو.<br>• تشخيصي سرگرمي<br>اجوڪي هن مرحلي مان شرڪت ڪندڙن ڪيتري قدر لاڀ پرايو، ان کي ڄاڻڻ لاءِ ڪائنئ هيٺيان سوال ڪريو. | |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | 1. ٻوليءَ جي سکيا ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ جون ڪهڙيون تدريسي معاونات استعمال ڪجن ٿيون؟<br>2. ٻوليءَ جي سکيا ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ جي استعمال جي اهميت، ضرورت ڪهڙي آهي؟<br>3. توهان پنهنجي پڙهائڻ ۾ جديد تيڪنالاجي جي معاوت سان ڪهڙين سرگرميون ترتيب ڏيڻ کي ترجيح ڏيندئو؟<br>4. اچوڪي ويهڪ ۾ توهان کي ڪهڙيون ڳالهيون وڌيڪ دلچسپ لڳيون ۽ چو؟<br><br>سکيا جو هي سائڪل سنڌي ٻوليءَ جي استادن کي چاڻاڻايل موضوعَ تي چاڻ ۽ مهارتن پريو بڻائي ٿو ته جيئن هو جديد ٽيڪنالاجيءَ کي سندن تدريسي عملن ۾ ضم ڪري، ايليمينٽري سطح جي شاگردن لاءِ ٻولي سکيا جي تجربن کي وڌائي سگهن. | |

## مددي مواد نمبر 01

### ٻولي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جواستعمال ۽ سنڌي ٻولي سِکيا

جديد ٽيڪنالاجيءَ جي ترقيءَ سان گڏ ان جو ايجوڪيشن جي ميدان ۾ استعمال به وڌي ويو آهي. ٻولي سِکيا جي ميدان ۾ خاص ڪري انگريزي، چائنيز ۽ ٻين ترقي يافته قومن جي ٻولين جي تدريسَ ۾ شاگردَ ۽ استادَ ان جو عام استعمال ڪَن پيا. اسان ڏٺو ته ڪرونا پينڊمِڪ ۽ ٻين مختلف سببن جي ڪري ”ورچُوئل ٽيچنگ لَرنِنگ“ عالمي سطح تي ڦهلجي وئي. پروفيسر ميري ڪيلينٽِز جي بقول، ”نوجوان سِکندڙَ اڄوڪي مَلٽي مابدل دنيا ۾ پيدا ٿيا آهن، ڪين گهڻا ڊجيٽل ذريعا مَيَسَر آهن. اسان تعليمدانن لاءِ مسئلو آهي ته سنڌن گهر توڙي ٻين هنڌن جي ڪِرت ۽ اسڪولن جي پڙهائيءَ واري انداز کي ڪيئن هڪ ڪريون؟ ضروري ُم ۾ آڻيون.“ sآهي ته مختلف ڊجيٽل نمونن کي تعميري ۽ مشغولي انداز سان ڪلاس رو

سنڌي ٻوليءَ جي تدريسَ کي جن مختلف قسمن جي آزمائشن کي مُنهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي، تن مان هڪ روايتي استاد-مرڪزيت واري تعليم آهي، جنهن کي هاڻ مُدي خارج تصور ڪيو وڃي ٿو. عام مشاهدو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جا اڪثر استاد روايتي استاد-مرڪزيت واري تدريسَ کي لکڻ ۽ ڳالهائڻ جي صورتن سان استعمال ڪري رهيا آهن، جنهن ۾ وضاحتي گرامر ۽ ٻين لساني پاسن جي معلومات مُنتقل ڪئي پئي وڃي. اهو طريقو شاگردن کي غير دلچسپ ۽ غير اهم لڳندڙ هئڻ ڪري گهٽ اثرائتو آهي، تنهن ڪري سندن سنڌي ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جي صلاحيتن جي سُڌاري لاءِ گهٽو ڪارآمد ڪونهي. سنڌي ٻوليءَ جي تدريس کي شاگرد-مرڪزيت واري ۽ جديد ڊجيٽل تدريسي طريقن سان ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي، جو اهو طريقو دلچسپ ۽ تعميري طرح مشغول رکندڙ هئڻ ڪري گهڻي اثرائتو آهي. موجوده سنڌيءَ جو انٽرنيٽ جي ٻولين ۾ شمار آهي، ان ۾ ڊجيٽل طرح سان ايتري ترقي ٿي چڪي آهي جو جديد ڊجيٽل طريقن جا نمونا سنڌي ٻوليءَ جي تدريسَ ۾ ڪاميابيءَ سان ضم ڪري سگهجن ٿا. سنڌيءَ ۾ ڊجيٽل ڪمپوزنگ ٿئي پئي ۽ هيٺين سطح لاءِ گهربل تدريسي مواد يا اِسمَ پڻ ميسر آهن. جهڙوڪ؛ آنلائن ڊڪشنريون، ٻولي سِکيا ايپ، ڊجيٽل صوتياتي چارٽ، اِي پوسٽرَ، اِي چارٽَ، بروشرَ، اِي بُڪ، اِي اِسٽوري، ڊجيٽل گيم، وڊيو، آڊيو وغيره.

ضروري آهي ته سنڌي ٻولي سکيا لاءِ ڊجيٽل اوزارَ جهڙوڪ؛ موبائل، ليپ ٽاپ، سي ڊي پليئر، ملٽي ميڊيا پروجيڪٽر، پرنٽر، اسڪينر وغيره. کي سبقن جي منصوبه بنديءَ ۾ شامل ڪري تدريس کي جديد تقاضائن سان هم آهنگ، اثرائتو ۽ نتيجا ڏيندڙ بنايو وڃي.

## مددگار لنڪ

https://learn.sindhila.edu.pk/alphabets/ipl
https://youtube.com/@meerins?si=XSPpTEVAfpk4v2tu
سنڌي ورچوئل لائبريري | Sindhi Language and Literature
Online Sindhi Learning - A Project of Sindhila
https://learn.sindhila.edu.pk/#course
https://dic.sindhila.edu.pk/

http://www.emis.gob.pk/PRP/PRP_RWMetrial.html#!/grades/2

https://sindhilanguagelibrary.com/books/info/90

https://www.youtube.com/watch?v=ABi15hJSLOM&pp=ygUUc2luZGhpIHBob25lbWUgc291bmQ%3D

https://www.youtube.com/@SindhiLanguageAuthority

https://www.youtube.com/@sindhiabaniboli8121

**For reference:**

**List of 1-20 LCs topics**

| Topics | Learning Cycles (LCs) |
|---|---|
| ٻُڌڻَ جي مهارتَ | LC-1 |
| ڳالهائڻَ جي مهارتَ | LC-2 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (i) | LC-3 |
| پڙهڻَ جي مهارتَ (ii) | LC-4 |
| لِکڻَ جي مهارتَ | LC-5 |
| زبان شناسي | LC-6 |
| تقريرَ جي مهارتَ | LC-7 |
| پسنديدگي ۽ تنقيدَ | LC-8 |
| تخليقي تحريرَ | LC-9 |
| زندگيءَ جون لِساني مهارتون | LC-10 |
| سنڌي صوتيات جي تدريسَ | LC-11 |
| لفظي بناوتَ ۽ جُملن جِي جوڙجڪَ | LC-12 |
| سنڌي نظمَ جي تدريسَ | LC-13 |
| سنڌي نثرَ جي تدريسَ | LC-14 |
| سنڌي پڙهائڻَ جا طريقا ۽ حڪمت عمليون | LC-15 |
| سنڌي پڙهڻ جون ڏکيائيون | LC-16 |
| سنڌي پڙهڻ جي چڪاسَ | LC-17 |
| سنڌي مضمون نويسيءَ جي تدريسَ | LC-18 |
| **سنڌي ٻولي سِکيا لاءِ ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال** | **LC-19** |
| شاگردن جي چنگ-ڀلائي | LC-20 |

**Contact email address:**

**kamranshah@iba-suk.edu.pk**

## School Education & Literacy Department (SE&LD)

## Government of Sindh